هفتيوار رسالو

امير اهل سنت دامت برکاتہم العالیہ جي ڪتاب
”فيضانِ نماز“ مان هڪ قسط بنام

# ”سجدي جا فضائل“

(سنڌي)



مَغفرت جو نُسخو

سجده، شڪر جو طريقو

مٽي، هاٿي نرڙ جي فضيلت

دل جو نُور ۽ چهري جي چمڪ


ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: سجدي جا فضائل
ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1447 هه جولاءِ 2025ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دامت برکاتھم العالیہ

# سجدي جا فضائل

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّابَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سجدي جا فضائل[1]

**دعاءِ عطار:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”سجدي جا فضائل“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي سجدن جي لذت عطا فرماءِ ۽ ان جو چهرو دنيا ۽ آخرت ۾ روشن فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نماز کان پوءِ حمد ۽ ثناء ۽ درود شريف پڙهڻ واري سان سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: دعا گُهر قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندو. (نسائي، ص. 220، حديث 1281)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مغفرت جو نسخو

حضرت سيدنا ابو سعيد خُدرِي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو سجدي جي حالت ۾ ٽي ڀيرا هيئن چوي: يَارَبِّ اغْفِرْلِیْ، يَارَبِّ اغْفِرْلِیْ، يَارَبِّ اغْفِرْلِیْ[2] جڏهن اهو پنهنجو مٿو ڪڍندو تہ ان جي مغفرت يعني بخشش ٿي چڪي هوندي. (مصنف ابن ابي شيبه، ج 7، ص 33، حديث 3) (هي دعا نفل نماز جي سجدن ۾ پڙهو يا نفل کان

---

1--- هي مضمون امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب فيضانِ نماز صفحو 225 کان 264، 268 ۽ 273 کان 279 تان ورتو ويو آهي

2--- ترجمو: اي پروردگار! منهنجي مغفرت فرماء، اي پروردگار! منهنجي مغفرت فرماء، اي پروردگار! منهنجي مغفرت فرماء.

علاوه الله پاڪ جي نعمتن تي سجدهٴ شڪر جي نيت سان سجدو ڪريو ۽ ان ۾ هي ۽ جيڪي چاهيو جائز دعائون گهرو.)

ياخدا اميری مغفرت فرما باغِ فردوس مرحمت فرما

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سجدي ۾ تمام گهڻيون دعائون گهرو

رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ٻانهو سجدي جي حالتَ ۾ پنهنجي ڪريم رب جي گهڻو ويجهو هوندو آهي، انهيءَ ڪري توهان سجدي ۾ بڪثرت (يعني وڌيڪ) دعا گهرندا ڪريو.

(مسلم، ص198، حديث 1083)

**شرحِ حديث:** حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: ربِّ ڪريم ته اسان جي هر وقت ويجهو آهي (پر) اسان ان کان پري رهون ٿا. اَلبته سجدي جي حالت ۾ اسان کي ان جو خصوصي قرب (يعني خاص ويجهڙائپ) نصيب ٿيندي آهي، تنهنڪري ان قرب (يعني ويجهڙائپ) کي غنيمت سمجهي جيڪو گهري سگهو گهري وٺو. (مرأة المناجيح، ج2، ص82)

## سجدهٴ شڪر جي لاءِ وضو لازمي آهي

سجده شڪر ۾ وضو لازم آهي ۽ بنا سجدهٴ شڪر جي عادت مطابق جيڪو سجدو ڪيو ويندو آهي ان لاءِ وضو ضروري ناهي ڇو ته اهو شرعي سجدو ناهي، صرف هڪ مباح عمل آهي جنهن تي نه ثواب آهي نه گناهه. نماز کان علاوه سجدن ۾ دعا گهرڻي هجي ته عربي کان علاوه ٻين زبانَن ۾ به گهري سگهجي ٿي.

## سجدي جي دوران دعا ۾ ڪوشش ڪريو

صحابي ابن صحابي حضرت سيدنا عبدُالله ابنِ عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي:

”مون کي رکوع ۽ سجدي ۾ قرآن جي تلاوت ڪرڻ کان منع ڪيو ويو آهي، رکوع ۾ تہ رب جي تعظيم ڪريو ۽ سجدي جي حالت ۾ دعا ۾ ڪوشش ڪريو جو اهي دعائون قبوليت جي لائق آهن.“ (مسلم، ص196، حديث1074)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: نفل نماز جي سجدن ۾ صراحتًا (يعني واضح لفظن سان) دعائون گهرو ۽ بين نمازن جي سجدن ۾ ربِّ ڪريم جي تسبيح ۽ تحميد (يعني پاڪي ۽ خوبي بيان) ڪريو ڇو تہ اهاً بہ ضمني طور دعا آهي، (يعني هڪ طرح سان دعا ئي آهي ڇو تہ) ڪريم جي تعريف بہ دعا هوندي آهي. ڪجهہ بزرگن کي ڏٺو ويو آهي تہ اهي سجدي ۾ ڪِري دعائون گهرندا آهن ان جو ماخذ (يعني بنياد) هي حديث آهي ڇو تہ سجدي ۾ ٻانهي کي رب ڪريم سان انتهائي قرب هوندو (يعني وڏيڪ ويجهڙائپ حاصل هوندي) آهي، هن حالت جي دعا اِنۡ شَآءَالله ضرور قبول ٿيندي. (مراة المناجيح،ج2،ص71)

## سجدي ۾ دعا جي قبوليت جي گهڻي اميد آهي

والدِ اعلي حضرت، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪتاب ”فَضائلِ دعا“ ۾ دعا جي قبوليت جي 45 وقتن ۽ حالتن مان 20 نمبر آهي: سجدي ۾. (دعا قبول ٿيڻ جي قوي يعني مضبوط اميد آهي) (فضائلِ دعا،ص121)

## دعا جي توفيق ملڻ سجدهءِ شڪر جو موقعو آهي

”فضائلِ دعا“ جي صفحي 62 تي اعلي حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڏنل ارشاد جو خلاصو آهي: الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ۽ التجا ڪرڻ جي توفيق ملڻ تي، سجدهءِ شڪر جي نيت سان سجدو ڪريو ڇو تہ ٻانهو سجدي ۾ رب ڪريم جي سڀ کان وڏيڪ ويجهو هوندو آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ٻانهو سجدي جي حالت ۾ پنهنجي رب ڪريم جي تمام گهڻو ويجهو هوندو آهي، انهيءَ ڪري توهان سجدي ۾ دعا گهڻي گهرو. (مسلم،ص198،حديث1083)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيدا ٿيندي ئي سجدو ڪيو

حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ نقل فرمائن ٿا: ان (يعني ولادت جي) وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بارگاهِ اِلٰهي ۾ سجدو ڪيو ۽ فرمايو: رَبِّ هَبۡ لِیۡ اُمَّتِیۡ (ترجمو:)”منهنجا پالڻهار! منهنجي اُمَّت ڪي منهنجي واسطي بخشي ڇڏ. (يعني منهنجي اُمَّت مون کي ڏئي ڇڏ)“ خطاب ٿيو (يعني ارشاد ٿيو): وَهَبۡتُكَ اُمَّتَكَ بِاَعۡلٰی هِمَّتِكَ (ترجمو:) ”مون تنهنجي امت ڪي تنهنجي بلند همت جي سبب بخشي (يعني تو کي ڏئي) ڇڏيو.“ پوءِ ملائڪن کي ارشادِ (اِلٰهي) ٿيو: ”اي منهنجا ملائڪو! شاهد رهو ته منهنجي حبيب پنهنجي اُمَّت کي پيدا ٿيڻ جي وقت نه وساريو ته ان کي قيامت جي ڏينهن ڪيئن وساريندو.“ (انوار جمالِ مصطفي،ص104)

رَبِّ هَبۡ لِیۡ اُمَّتِیۡ، کہتے ہوئے پیدا ہوئے

حق نے فرمایا کہ بخشا، اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽپي جي لڪت (فرضي حڪايت)

هڪ نيڪ ٻانهي سان ڪنهن پنهنجي پريشانين جو سبب روئندي پڇيو: جيڪو ڪم ڪيان ٿو اهو ابتو ٿي وڃي ٿو، ڇا ڪيان! ان چيو: ٽپو (Stamp) ڏٺو اٿئي؟ چيائين: هائو ڏٺو آهي. پڇيائين: ڇا اهو ڄاڻين ٿو ته ٽپي (Stamp) تي لکائي ڪيئن هوندي آهي............؟ چوڻ لڳو: ان تي ته ابتي لکائي هوندي آهي. فرمايائون: ڇا اهو ٻڌائي سگهين ٿو ته اها سبتي ڪيئن ٿيندي آهي. جواب ڏنائين: جڏهن ٽپو (Stamp) ڪاغذ تي لڳندو آهي ته الفاظ سبتا ٿي ويندا آهن. فرمايو: جهڙي طرح ٽپو (Stamp) پنهنجو مٿو (يعني پيشاني) ڪاغذ تي هڻندو آهي ته ان جا ابتا لفظ سبتا ٿي ويندا آهن، اهڙي طرح تون به وضو ڪري مسجد وڃ ۽ پنهنجي خالق و مالڪ جي حضور پنهنجو مٿو جُهڪاءِ (يعني سجدو ڪر) اِنۡ شَآءَاللّٰه! تنهنجا به ابتا ڪم سبتا ٿي پوندا.

## ”سجدھ“ جي چار اکرن جي نسبت سان سجدي ۾ دعا قبول ٿيڻ جون چار حڪايتون

## (1) سيدنا سليمان ۽ هڪ هاري

حضرت سيدنا ابو عبدالرحمٰن دِمَشْقِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ حضرت سيدنا مَڪْحُول دِمَشْقِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (الله پاڪ جي پياري نبي) حضرت سيدنا سليمان بن داؤد عَلَيۡهِمَا السَّلَام وارن مان ٿهيل هڪ تَڏِي تي تشريف فرما هئا ۽ سندن صحابہ چؤڌاري وينل هئا. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هوا کي حڪم ڏنو تہ ان تَڏي کي مٿي کنيو، جن ۾ انسان سندن جي اڳيان اڳيان هلڻ لڳا، پکين چانوَ ڪري ڇڏي. هڪ هاري (farmer) ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو هو. ان دل ۾ چيو: جيڪڏهن حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام منهنجي سامهون هجن ها تہ مان انهن کان ٽي ڳالهيون پڇان ها. الله پاڪ حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ هاري ڏانهن وڃو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام گهوڙي تي سوار ٿي ان وٽ تشريف کڻي ويا ۽ فرمايائون: اي هاري! مان سليمان آهيان، تون جيڪو پڇڻ چاهين ٿو پڇ.! هاري عرض ڪيو: اوهان کي منهنجي دل جي ارادي جي خبر ڪيئن پئي؟ ارشاد فرمايائون: الله ڪريم مون کي ان جو علم عطا فرمايو. هاريءَ عرض ڪيو: مون هن علم تي يقين ڪيو. (پهرين ڳالهہ هي آهي:) خدا جو قسم! جڏهن مون اوهان کي نعمتن ۾ ڏٺو تہ پنهنجو پاڻ کي ڇوڻ لڳس تہ حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جون گذري ويل لذتون ۽ نعمتون ختم ٿي وينديون آهن جڏهن تہ مان جيئڻ محنت ۽ ٿڪاوٽ ۾ ڪالهہ هيس اڄ بہ ائين ئي آهيان. پر اوهان عَلَيۡهِ السَّلَام بہ گذريل لذتون بيهر محسوس نٿا ڪري سگهو ۽ مان بہ گذريل تڪليف بيهر محسوس نہ ٿو ڪري سگهان. حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام بي ڳالهہ پڇي تہ ان عرض ڪيو: مون پنهنجي دل ۾ هي چيو تہ حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام بہ هن دنيا ۾ هميشہ نہ رهندا ۽ مون کي بہ

مرڻو آهي. ارشاد فرمايو: تو سچ چيو. هاري عرض ڪيو: ٿئين ڳالهہ مون صرف پاڻ کي خوش ڪرڻ جي لاءِ چئي هئي تہ قيامت جي ڏينهن حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کان انهن نعمتن جي متعلق پڇيو ويندو، مون کان سوال نہ ٿيندو. اهو ٻڌي ڪري حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام گهوڙي تان هيٺ لهي سجدي ۾ ڪِري پيا ۽ روئندي بارگاهِ اِلاهي ۾ عرض ڪيائون: اي منهنجا رب! جيڪڏهن تون جَوَاد (يعني سڀ کان وڌيڪ جود و ڪرم وارو) ۽ بخل کان پاڪ نہ هجين ها تہ مان ضرور توکان هن نعمتن جي واپس وٺڻ جو سوال ڪريان ها. (يعني عرض ڪريان ها تہ پنهنجون نعمتون واپس وٺي ڇڏ) الله پاڪ وحي فرمائي: اي سليمان! (سجدي مان) پنهنجو مٿو ڪڍون! ڇو تہ مان پنهنجي ٻانهي کان راضي ٿي ڪري جيڪا نعمت ان کي عطا ڪندو آهيان ان جو حساب ناهيان وٺندو. (الله والوں کی باتیں،ج5،ص236) اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جرم
دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) سجدي ۾ دعا کان پوءِ رهائي نصيب ٿي وئي

حضرت سيدنا جعفر خُلۡدِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان منقول آهي تہ مون حضرت سيدنا خَيۡرُ النَّسَّاج رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو تہ اوهان خَيۡرُ النَّسَّاج جي نالي سان ڪيئن مشهور ٿيا؟ ڇا نَسَّاج هيؤ؟ يعني ڪپڙي اُڻڻ جو ڪم ڪندا هئا؟. فرمايو تہ نہ، بلڪ ان جو سبب اهو آهي تہ مان الله ڪريم سان وعدو ڪري رکيو هو تہ ڪڏهن بہ پنهنجي نفس جي خواهش تي تازيون کارڪون نہ کائيندس ۽ ڪافي عرصي تائين مان پنهنجي وعدي تي قائم رهيس. هڪ ڀيري نفس جي هٿان مجبور ٿي مان ڪجهہ کارڪون ورتيون ۽ کائڻ لاءِ ويهي رهيس، اچان هڪ کارڪ ئي کاڌي هئي تہ هڪ شخص مون ڏانهن ڪاوڙيل اکين سان ڏسڻ لڳو.

پوءِ اهو مون وٽ آيو ۽ چيائين: اي خَير! تون تہ منهنجو پڇي ويل غلام آهين! دراصل ان شخص جو هڪ "خير" نالي غلام هو جيڪو ڀڄي ويو هو ۽ ان شخص غلط فهمي جي ڪري مون کي پنهنجو غلام سمجهي ورتو هو! ۽ جيڪڏهن سچ پڇيو تہ منهنجي رنگت بہ ان جي غلام جهڙي ٿي وئي هئي. تمام گهڻا ماڻهو جمع ٿي ويا. جيئن ئي انهن مون کي ڏٺو تہ سيني هڪ آواز ٿي چيو: الله پاڪ جو قسم! هي تہ تنهنجو غلام "خير" آهي. مون چڱي طرح سمجهي ورتو تہ مون کي ڪهڙي جرم جي سزا ملي رهي آهي! اهو شخص مون کي پنهنجو غلام سمجهي دڪان تي وٺي ويو. اتي ان جا ٻيا بہ غلام موجود هئا جيڪي ڪپڙا ناهيندا (يعني ڌاڳن مان ڪپڙا تيار ڪري رهيا) هئا. مون کي ڏسي ٻيا غلام چوڻ لڳا: اي خراب غلام! تون پنهنجي آقا کان ڀڄين ٿو! هل! هيڏانهن اچ! ۽ پنهنجو اهو ساڳيو ڪم ڪر جيڪو تون ڪندو هئين. پوءِ مالڪ مون کي حڪم ڏنو تہ وڃ ۽ فلاڻو ڪپڙو ناهہ (يعني ڌاڳن سان تيار ڪر). جيئن ئي مان ڪپڙو ناهڻ لڳس تہ ايئن محسوس ٿيو جڻ مان تمام وڏو ماهر ڪاريگر آهيان ۽ ڪيترن سالن کان اهو ڪم ڪري رهيو آهيان. پوءِ مان ٻين غلامن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳس. اتي ڪم ڪندي جڏهن ڪيترا ئي مهينا گذري ويا تہ هڪ رات مون خوب نفلَ پڙهيا ۽ سڄي رات عبادت ۾ گذاري، پوءِ سجدي ۾ ڪري هي دعا گهري: "اي منهنجا پاڪ پروردگار! مون کي معاف فرماءِ، مان هاڻي ڪڏهن بہ پنهنجي وعدي کان نہ ڦرندس" مان اهڙي طرح دعا ڪندو رهيس، جڏهن صبح ٿي تہ جا تو ڏسان تہ مان پنهنجي اصلي صورت ۾ اچي ويو آهيان، تنهنڪري مون کي ڇڏيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو منهنجو نالو خَيْرُ النَّسَّاج يعني "ڪپڙا اُڻڻ وارو خَير" پئجي ويو. (عيون الحكايات،ص229) (عيون الحكايات (اردو)ج2،ص46) اللّٰهُ رَبُّ الْعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

چاہتے ہو تم دعا اللہ فرمائے قبول — گر کے سجدے میں دعا مانگو ہو رحمت کا نزول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) ڪاڌو ملي ويو

حضرت سيدنا ابراهيم خَواص رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه هڪ جهنگل ۾ هئا ته اوچتو هڪ شخص مليو جنهن کي ڏسي پنهنجي دل ۾ ناپسنديدگي محسوس ڪرڻ لڳا، اهو شخص چوڻ لڳو: ”مان نصراني راهب (يعني عيسائي تارڪ الدنيا) آهيان ۽ ”روم“ کان اوهان جي صحبت ۾ رهڻ جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان.“ سندن دل ۾ پيدا ٿيڻ واري ناپسنديدگي جي ڪيفيت جو راز معلوم ٿي ويو. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه راهب کي فرمايائون: مون وٽ کائڻ پيئڻ لاءِ ڪا شي نه آهي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو تون تڪليف ۾ اچي وڃين. اهو چوڻ لڳو: يا سيدي! (يعني اي منهنجا سردار) دنيا ۾ اوهان جو نالو مشهور آهي ۽ اوهان اجان تائين کائڻ پيئڻ جي فڪر ۾ لڳل آهيو! اهو ٻڌي پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ان کي صحبت ۾ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. ست ڏينهن بنا کائڻ پيئڻ جي گذري ويا، اهو گهبرائجي ويو ۽ چوڻ لڳو: هاڻي مان ايترو برداشت نٿو ڪري سگهان، کائڻ پيئڻ جو ڪو انتظام فرمايو. حضرت سيدنا ابراهيم خَواص رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه سجدو ڪيو ۽ بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ”يا الله پاڪ هن غير مسلم منهنجي باري ۾ حسنِ ظن (يعني سنو گمان) رکيو آهي، منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي، مون کي هن غير مسلم جي سامهون رسوا نه ڪجانءِ“ دعا گهري جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيائون ته هڪ ٿال موجود هو جنهن ۾ ٻه مانيون ۽ پاڻي جا ٻه ٿانوَ رکيل هئا، کائي پي ٻئي اتان کان هليا ويا. وڌيڪ ست ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن جڳهه تي ترسيا ته ان راهب سجدي ۾ وڃي دعا گهري. ڏسندي ئي ڏسندي هڪ طشت (يعني ٿال) نمودار (يعني ظاهر) ٿيو جنهن ۾ چار مانيون ۽ چئن ٿانوَن ۾ پاڻي موجود هو. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه حيرت ۾ پئجي ويا! پنهنجو اهو ذهن ٺاهيو ته هن مان ڪجهه به نه کائيندس ڇو ته هي کاڌو هڪ غير مسلم لاءِ آيو آهي. اهو چوڻ لڳو: حضور! کائو! ۽ ٻن ڳالهين جي خوشخبري به ٻڌو هڪ خوشخبري اها ته مان اسلام قبول ڪيان ٿو، اهو چئي ان ڪلمو شهادت پڙهيو، ٻئي خوشخبري اها آهي ته الله ڪريم وٽ اوهان جو تمام وڏو مقام آهي، مون سجدي ۾ مٿو

رکي ھي دعا گھري ھئي: ”ياالله ! محمد مصطفٰي (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪڏھن سچا رسول آھن تہ مون کي بہ مانيون ۽ بہ گلاس پاڻي عطا فرماءِ ۽ جيڪڏھن ابراھيم خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تنھنجو ولي آھي تہ وڌيڪ بہ مانيون ۽ بہ گلاس پاڻي عطا فرماءِ.“ دعا گھري مان جيئن ئي سجدي مان مٿو کنيو تہ ڪاڏي جا اُھي طشت (يعني ٿال) موجود ھئا. حضرت سيدنا ابراھيم خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اھو ٻڌڻ کان پوءِ ڪاڏو تناول فرمايو. ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه اھو نئون مسلمان ولايت جي اعليٰ درجي تي فائز ٿيو. (ملخّص از کشف المحجوب،ص239،فيضان سنت،ج1،ص799) اللّٰهُ رَبُّ الْعِزَّت جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

خوب سجدے میں اے بھائی! گڑگڑا کر کر دعا — کام بن جائے گا تیرا از طفیلِ مصطفےٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4) حضرت شبلي سجدي ۾ دعا گھري

حضرت (سيدنا شيخ ابوبڪر) شبلي (بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) ھڪ دنيا دار ماڻھوءَ کي ڏٺو تہ سجدي ۾ ڪري پيا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھي دعا پڙھي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَافَانِیْ مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهٖ وَفَضَّلَنِیْ عَلٰی كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقَ تَفْضِیْلاً (يعني: الله پاڪ جو شڪر آھي جنھن مون کي ھن مصيبت کان بچايو جنھن ۾ توکي مبتلا ڪيو ۽ مون کي پنھنجي ڪيترين ئي مخلوقات تي فضيلت ڏني.) (مرأة المناجيح،ج2، ص389) اللّٰهُ رَبُّ الْعِزَّت جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ھر ديني ۽ دنياوي مصيبت ۾ ڦاٿل کي ڏسي اھا دعا پڙھو

ھي حڪايت نقل ڪرڻ کان پوءِ حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ھي دعا ھر ديني ۽ دنياوي مصيبت ۾ ڦاٿل کي ڏسي پڙھي وڃي تہ اِنْ شَآءَ الله پڙھڻ وارو ھن مصيبت کان پري رھندو. (مرأة المناجيح،ج2،ص389) ھي دعا

ترمذي شريف جي حديث نمبر 3443 ۾ بيان ڪئي وئي آهي. مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: مصيبت چاهي جسماني هجي جيئن ڪوڙهه، انڌاپ يا ڪا بي بيماري يا مالي جيئن قرض، محتاجي، رزق ۾ تنگي وغيره يا ديني جيئن ڪفر، فسق، ظلم، (بُري) بدعت وغيره مقصد ته هر مصيبت جي لاءِ هي دعا مُجرَّب آهي. (مرقات،ج5،ص283،تحت الحديث2429) هي دعا ايتري آهسته آواز ۾ پڙهي جو اها مصيبت ۾ قاتل نه ٻُڌي، چوته ان کي رنج ٿيندو. (لمعات،ج3،ص610) (مرأة،ج4،ص38)

## ٽن بيمارين کي ناپسند نه سمجهيو

ٽن قسمن جي بيمارين ﴿1﴾ زڪام ﴿2﴾ خارش ۽ ﴿3﴾ آشوبِ چشم (يعني اکيون اٿڻ) جي مرض ۾ مبتلا کي ڏسي هي دعا نه پڙهي وڃي. (ملفوظاتِ اعلي حضرت،ص70،ملخّصاً) انهن بيمارين جا فائدا بيان ڪندي اعلي حضرت فرمائن ٿا:

حضور سرورِ عالم صَلَّىاللهُعَلَيۡهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم کان حديث آهي ته ٽن بيمارين کي خراب نه سمجهيو. ﴿1﴾ زڪام: چوته هن جي ڪري ڪيئي بيمارين جي پاڙ ڪٽجي ويندي آهي. ﴿2﴾ خارش: چوته هن سان جِلد جا اَمراض(Skin diseases) جُذام (يعني ڪوڙهه) وغيره جي روڪٿام ٿي ويندي آهي ﴿3﴾ اکين جو اٿڻ : نابينائي (يعني انڌاپ) کي دور ڪندو آهي. (ملفوظاتِ اعلي حضرت،ص70،ملخّصاً)

ہر برائی سے تو بچا یارب! ديدے امراض سے شفا یارب!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سجدن جي ڪثرت درجات جي بلندي

تابعي بزرگ حضرت سيدنا مَعۡدان بن ابو طلحه رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته مان صحابيءِ رسول حضرت سيدنا ثَوبان رَضِىَاللهُعَنۡهُ سان مليس، مون عرض ڪيو: مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جنهن کي مان ڪيان ته ان جي برڪت سان الله پاڪ مون کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي، يا (مون هي چيو ته) مون کي الله پاڪ جو سڀ کان پسنديده عمل ٻڌايو. حضرت سيدنا ثَوبان رَضِىَاللهُعَنۡهُ خاموش رهيا. مون ٻيهر پڇيو، اوهان خاموش رهيا. مون ڏهن ٽئين ڀيري

پڇيو، تہ فرمايائون: مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن جي باري ۾ سوال ڪيو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو، ”ڪثرت سان سجدا ڪندو ڪر ڇو تہ تون جڏهن بہ الله پاڪ جي لاءِ سجدو ڪندين، الله پاڪ تنهنجو هڪ درجو بلند فرمائي ڇڏيندو ۽ ان جي بدلي تنهنجي هڪ خطا معاف فرمائي ڇڏيندو.“ (مسلم،ص199،حديث1093)

هڪ روايت ۾ اهو بہ آهي تہ الله پاڪ ان جي سبب سجدو ڪرڻ واري جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو آهي. (ابن ماجه،ج2،ص182،حديث1424)

## سنت ادا ڪرڻ جو جذبو

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پهرين حديثِ پاڪ جي هن حصي (مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن جي باري ۾ سوال ڪيو هو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني مون بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٽي ڀيرا اهو سوال ڪيو هو، ہ ڀيرا سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش رهيا هئا ۽ ٽئين ڀيري جواب ڏنو هو. (مرقات،ج2،ص616) انهيءَ سنت تي عمل ڪندي مان بہ ہ ڀيرا خاموش رهيس. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها خاموشي سائل (يعني سوال پڇندڙ) جو شوق وڌائڻ جي لاءِ ۽ حضرت ثوبان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خاموشي انهيءَ سُنت تي عمل ڪرڻ جي لاءِ هئي، صحابہ ڪرام حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادائن جي نقل ڪندا هئا. مفتي صاحب حديث پاڪ جي هن حصي (ڪثرت سان سجدا ڪندو ڪر) جي حوالي سان فرمائن ٿا: اهڙي طرح جو نفلَ گهڻا پڙهو ۽ تلاوت قرآنِ ڪريم ڪثرت سان ڪريو، سجدهءِ شڪر وڌيڪ ڪريو. هن حديث جي حصي (ان جي بدلي تنهنجي هڪ خطا معاف فرمائي ڇڏيندو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ سجدو گناهن جو ڪفارو آهي پر گناهن مان مراد حقوق الله جا صغيره گناه (يعني ننڍا گناه) آهن، حقوق العباد (يعني ٻانهن جا حق) ادا ڪرڻ سان ۽ ڪبيره گناه (وڏا گناه) توبہ سان معاف ٿيندا آهن. (مرأة المناجيح،ج2،ص85)

## درجا وڌڻ ۽ نيڪيون لکيون وڃڻ ۾ فرق

حضرت علامہ عبد الرؤف مناوي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه هڪ سوال قائم ڪندي فرمائن ٿا تہ درجا بلند ٿيڻ ۽ نيڪيون لکڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جڏهن تہ نيڪيون لکيون وڃڻ جي ڪري ئي درجو وڌندو آهي. پوءِ ان جو جواب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: درجو توڙي جو نيڪيون لکڻ جي ڪري ئي وڌندو آهي پر سبب الڳ هوندو آهي ۽ مُسَبّب (يعني سبب جو نتيجو) الڳ، تنهنڪري هي بہ شيون ٿيون، پڻ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو نيڪيون لکڻ جي ڪري درجو ناهي وڌندو بلڪ ڪو بيو گناهہ مٽايو ويندو آهي. (فيض القدير،ج5،ص621)

## سجدي جا عضوا جهنم جي باهہ کان محفوظ رهندا

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، تاجدار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سجدي جي نشان کان علاوه انسان جي سڄي جسم کي باهہ ساڙيندي. اللّٰہ پاڪ جهنم تي حرام ڪري ڇڏيو آهي جو اها سجدي جي نشان کي ساڙي. (مسلم،ص96،حديث451)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: يعني دوزخ جي باهہ انهن ماڻهن (يعني جيڪي مسلمان جهنم ۾ ويندا) جي سيني عضون کي ساڙيندي پر ان جي نرڙ کي نہ ساڙي سگهندي، ڪجھہ شارحن فرمايو تہ: سجدي جا ست ئي عضوا (يعني نرڙ، ٻئي هٿ، ٻئي گوڏا ۽ ٻئي پير) محفوظ رهندا. (اشعه،ج4،ص418) ڪجھہ شارحن فرمايو تہ هن مان مراد سمورو چهرو آهي، هن قول جي تصديق "بخاري شريف" جي هن حديث "وَيُحَرِّمُ اللّٰهُ صُوَرَهُمۡ عَلَى النَّارِ"[1] (يعني اللّٰہ پاڪ انهن جون صورتون باهہ تي حرام فرمائي ڇڏيندو) مان ٿئي ٿي. (مرآة المناجيح،ج7،ص437،ملخصاً)

## بلند رُتبا نفس جي مخالفت سان ملندا آهن

حضرت سيدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه حديث پاڪ جي

---

[1] ---(بخاري،ج4،ص554،حديث7439)

حصي (پنهنجي نفس تي سجدن جي ڪثرت سان منهنجي مدد ڪر) جي حوالي سان فرمائن ٿا: اهو فرمان ايئن ئي آهي جيئن طبيب مريض کي چوندو آهي: مان تنهنجو علاج اهڙي دوا سان ڪندس جنهن سان تون چڱو ڀلو ٿي ويندين پر تون پرهيز ۾ منهنجي ڳالهين تي عمل ڪري منهنجي مدد (يعني مون سان تعاون) ڪر ۽ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو "پنهنجي نفس تي" فرمائڻ هن ڳالهه جي آگاهي ڏيڻ آهي ته بلند مراتب (يعني اعليٰ درجا) صرف نفس جي مخالفت جي ذريعي حاصل ٿيندا آهن. (لمعات التنقيح، ج. 3، ص. 173)

هن حديث پاڪ مان هي به معلوم ٿيو ته بزرگن جي خدمت ڪرڻ ۾ جنهن ڪم ۾ انهن جي خوشي هجي ان کي پورو ڪرڻ حقيقت ۾ فضيلت ۽ سعادت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي خاص ڪري حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا (يعني خوشيءَ) کي سامهون رکڻ دين ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي سعادت ۽ ڀلائي آهي- (اشعة اللمعات (اردو) ج 2 ص 247 ملخصًا)

## خوشخبري ٻُڌي شڪر جو سجدو ڪرڻ سنتِ مستحب آهي

اي عاشقانِ نماز! جڏهن به خوشي جي خبر ملي، ٻه رڪعتون نماز شڪراڻي طور ادا ڪرڻ يا شڪر جو سجدو ڪري وٺڻ گهرجي. "ديني يا دنياوي خوشي جي خبر ٻُڌي سجدي ۾ ڪِري پوڻ کي شڪر جو سجدو چئبو آهي."[1] حضرت سيدنا ابو بَڪرَه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته جڏهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪا خوشخبري ملندي يا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿيندا ها ته الله پاڪ جو شڪر ڪندي سجدو فرمائيندا ها.[2] حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سجدهءِ شڪر ادا ڪرڻ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کان ثابت آهي.[3] ڇا اسان به ڪڏهن ڪنهن خوشي جي موقعي تي شڪر جو سجدو ادا ڪيو آهي؟ "ملفوظاتِ اعلٰي حضرت" مان ٻه عرض ۽ ارشاد ملاحظه فرمايو، عرض: سجدهءِ شڪر

---

[1]---(مرأة المناجيح، ج. 2، ص. 388)

[2]---(ابو داؤد، ج. 3، ص. 117، حديث 2774)

[3]---(مرأة المناجيح، ج. 2، ص. 399 ماخوذاً)

مسنون آهي يا مستحب؟ ارشاد سنتِ مُستَحَبَّہ آهي. جنهن وقت ابو جهل لعين جو مٿو ڪٽي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ آندو ويو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدهء شڪر فرمايو. عرض: شڪر جي سجدي جي نيت نماز جي سجدي ۾ ڪري ورتي تہ ڪو حرج تہ ناهي؟ ارشاد: ڪو حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ نماز کان عليحده ڪري. (ملفوظاتِ اعلي حضرت، ص. 146، 379) ”بهارِ شريعت“ ۾ آهي: ”سجده شڪر مثلاً اولاد پيدا ٿيو يا مال مليو يا گم ٿيل شيءِ ملي وئي يا مريض کي شفا ملي وئي يا مسافر واپس اچي ويو مطلب تہ ڪنهن نعمت تي سجدو ڪرڻ مُستَحَب آهي.“ (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 738 کان 739) الله ڪريم اسان کي بہ خوشخبري ٻُڌڻ تي سجده شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. الله پاڪ جي ڪرم سان جيڪڏهن اوهان کي اها خوشخبري ملي تہ اوهان جي حج يا عمري ۽ مدينہ المنوره جي حاضري جي ويزا لڳي وئي آهي تہ ان تي اوهان کي سجده شڪر ڪرڻ گهرجي.

اے کاش! کوئی آکر، کہدے مرے کانوں میں
چل! تجھ کو مدینے میں سرکار بلاتے ہیں

## سجدهءِ شڪر جو طريقو

سجده شڪر (۽ سجده تلاوت) ٻنهي جو هڪ ئي طريقو آهي. مڪتبة المدينہ جي 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد اول صفحي 731 تي آهي: (تلاوت ۽ شڪر جي) سجدي جو مسنون طريقو اهو آهي تہ (باوضو) بيهي اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي سجدي ۾ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى چوي، پوءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي بيهي رهي، پهريان ۽ بعد ۾ ٻئي ڀيرا اَللّٰهُ اَكْبَر چوڻ سنت آهي ۽ بيهي ڪري سجدي ۾ وڃڻ ۽ سجدي کان بعد بيهي رهڻ هي ٻئي قيام مستحب. (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 731) سجده تلاوت (۽ سجده شڪر) جي لاءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوڻ وقت نہ هٿ کڻڻا آهن ۽ نہ هن ۾ تَشَهُّد آهي نہ سلام. (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 733)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سجدي ۾ نرڙ کي نقصان پهتو

حضرت سيدنا ابو اسماعيل مُرَّه رَحۡمَةُاللہِعَلَيۡه روزانو هڪ هزار نفل ادا فرمائيندا هئا ۽ جڏهن ضعيف ٿي ويا ته 400 نفل پڙهندا هئا. (البداية و النهاية، ج.5، ص. 565) حارِث غَنَوِي چون ٿا ته ”هڪ پيري پاڻ ايترو ڊگهو سجدو ڪيو ايسيتائين جو مٽيءَ نرڙ کي نقصان پهچايو.“ 76 هجري ۾ سندن انتقال ٿيو.

(تهذيب التهذيب، ج. 8، ص. 107) (152 رحمت بهرى حكايات، ص. 47 تا 48)

## نوراني نرڙ

حضرت سيدنا ابو اسماعيل رَحۡمَةُاللہِعَلَيۡه جو جڏهن انتقال ٿيو ته گهر وارن مان ڪنهن خواب ۾ هن حال ۾ ڏٺو جو سندن جي سجدي واري جڳهه چمڪندڙ تاري وانگر روشن آهي، ته عرض ڪيو: اهو اوهان جي چهري تي ڇا آهي؟ انهن فرمايو: ”منهنجي نرڙ کي مٽي جي نقصان پهچائڻ جي ڪري نوراني ڪيو ويو آهي.“ عرض ڪيو: آخرت ۾ اوهان کي ڪهڙو مقام حاصل ٿيو؟ فرمايائون: ”بهترين گهر آهي، جنهن جا اهل (يعني رهڻ وارا) هتان ڪان منتقل (Transfer) ناهن ٿيندا نه ئي انهن کي موت ايندو آهي.“

(المنامات مع موسوعة للامام ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 58، رقم 56)

## رحمت ڀري حڪايت

اهو به منقول آهي ته انتقال کان پوءِ ڪنهن حضرت سيدنا ابو اسماعيل رَحۡمَةُاللہِعَلَيۡه کي خواب ۾ ڏٺو ته سندن جي سجدي جي جڳهه نور ٻڏجي وئي آهي ته پڇيو: اوهان ڪٿي آهيو؟ جواب ڏنائون: ”مان اهڙي گهر ۾ آهيان جنهن جا اهل (يعني رهڻ وارا) نه هتان ڪان نڪرن، نه ئي انهن کي موت ايندو.“ (البداية و النهاية، ج. 5، ص. 565) اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بنا ڪجهه وڇائي سجدو ڪرڻ افضل آهي

”احياءُ العلوم“ ۾ آهي: ”(تابعي بزرگ) حضرت سيدنا عمر بن عبد العزيز رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عادتِ ڪريمه هئي ته هميشه سجدو زمين تي ئي ڪندا ها،

سجدي جي جڳهه وغيره تي مصلّو نه وڇائيندا هئا.“ (احياءَ العلوم، ج. 1، ص. 204) (احياءَ العلوم (اردو) ج. 1، ص. 466) ۽ ”بهار شريعت“ ۾ به بنا ڪجهه وڇائي سجدو ڪرڻ مستحب لکيل آهي. (ڏسو بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 538) تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”الله پاڪ جي ويجهو ٻانهي جي اها حالت سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي ته ان کي سجدو ڪندي ڏسي جو پنهنجو چهرو مٽيءَ سان لڳائي رهيو آهي.“ (معجم اوسط، ج. 4، ص. 308، حديث 6075)

## مٽيءَ هٽائي نرڙ جي فضيلت

جيسيتائين نمازي جي مٽي تي سجدي جي دوران لڳل مٽي باقي رهندي آهي، ملائڪ ان لاءِ بخشش جي دعا گهرندا رهندا آهن، جيئن ته شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان مان ڪو شخص جيسيتائين نماز مان فارغ نه ٿئي پنهنجو نرڙ (يعني ان جي مٽي) نه ڇنڊي چو ته جيسيتائين ان جي نرڙ تي نماز جي سجدي جو نشان رهندو آهي ملائڪ ان لاءِ بخشش جي دعا گهرندا رهندا آهن.“ (معجم ڪبير، ج. 22، ص. 56، حديث 134)

(نماز دوران) نرڙ تان مٽي يا گاهه ڇڏائڻ مڪروهِ (تنزيهي) آهي، جڏهن ته ان جي ڪري نماز ۾ پريشاني نه ٿئي ۽ جيڪر تڪبر مقصد آهي ته ڪراهتِ تحريمي (ناجائز ۽ گناهه) آهي ۽ جيڪڏهن تڪليف ڏيندڙ هجي يا خيال ٺوڙيندي هجي ته (ڇڏائڻ ۾) حرج ناهي ۽ نماز کان پوءِ ڇڏائڻ ۾ ته بلڪل به مسئلو ناهي بلڪ (ڇڏائڻ) گهرجي، ته جيئن رياڪاري نه اچي. (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 631) (عالمگيري، ج. 1، ص. 105)

## چهري تي سجدي جو نشان

حضرت سيدنا امام فخر الدين محمد بن عمر رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 26 سيپاري سوره الفتح جي آيت نمبر 29، سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ (ترجمو ڪنزالايمان: انهن جي نشاني انهن جي چهرن ۾ آهي سجدي جي نشان سان) جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: هن ۾ ٻه قول آهن: هڪ قول اهو آهي ته هي سجدي جو نشان (دنيا ۾ نه بلڪ) قيامت جي ڏينهن ٿيندو. جيئن الله ڪريم ارشاد فرمائي ٿو: يَوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ (ترجمو ڪنزالايمان: جنهن ڏينهن ڪجهه چهرا روشن هوندا (پ، 4، آلِ عمران، 106)) پڻ ارشاد

فرمائي ٿو: نُوۡرُهُمۡ يَسۡعٰى (ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو نور ڊڪندو هوندو (پ، 28، التحريم، 8)) ۽ انهن جي چهرن ۾ نور، الله پاڪ جي طرف توجهه ڪرڻ جي سبب ٿيندو. جيئن حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام چيو هو: اِنِّیۡ وَجَّهۡتُ وَجۡهِیَ لِلَّذِیۡ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ (ترجمو ڪنزالايمان: مون پنهنجو منهن ان جي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين بڻايو (پ 7، سوره الانعام، آيت 79)) ۽ جيڪو شخص سج جي سامهون بيهندو آهي ته سج جون شعائون (Rays) ان جي چهري تي پونديون آهن جنهن جي ڪري ان جي چهري تي نور (يعني اجالو) ظاهر ٿيندو آهي حالانڪ سج جو نور (يعني اجالو) عارضي (Temporary) هوندو آهي، جيڪو ختم ٿي ويندو آهي جڏهن ته الله ڪريم آسمانن ۽ زمين کي منور يعني روشن ڪرڻ وارو آهي، ته جيڪو شخص ان جي طرف متوجه ٿيندو ان جي چهري تي اهڙو نور ظاهر ٿيندو جيڪو روشنين سان پريل هوندو. ٻيو قول هي آهي ته اهو سجدي جو نشان دنيا ۾ ٿيندو، پوءِ هن ۾ وڌيڪ ٻه قول آهن: هڪ قول هي آهي ته هن مان مراد اهو نشان (يعني ڪارو داغ) آهي جيڪو سجدي جي ڪثرت جي ڪري نرڙ تي ظاهر ٿيندو آهي. ٻيو قول هي آهي ته هن مان مراد اهو حسن آهي جنهن کي الله پاڪ رات ۾ سجدا ڪرڻ وارن جي چهرن تي ڏينهن ۾ ظاهر فرمائي ٿو ۽ عقل مندن لاءِ اها ڳالهه بلڪل ثابت شده آهي ته ٻه شخص رات جو جاڳن ٿا، هڪ شخص رات شراب پيئڻ ۽ راند روند ۾ مشغول رهي ڪري گذاري ٿو ۽ ٻيو نماز، قراءت ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ گذاري ٿو ته ٻئي ڏينهن هر شخص شراب ۽ راند روند ۾ رات گذارڻ واري ۽ ذڪر و شڪر ۾ رات گذارڻ واري جي وچ ۾ فرق ڪري ويندو آهي.

(تفسير ڪبير، ج. 10، ص. 89)

## نرڙ تي داغ بابت اعلٰي حضرت جا قول

منهنجا آقا، اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "فتاوٰي افريقه" ۾ سجدي جي نشان بابت ڊگهي بحث ڪرڻ کان پوءِ صفحي 66 تي لکن ٿا: اقول (يعني مان چوان ٿو:) هن باري ۾ تحقيقي حڪم اهو آهي ته ڏيکارڻ لاءِ جاٽي واٽي اهو نشان پيدا ڪرڻ حرامِ قطعي ۽ گناهِ ڪبيره آهي ۽ اهو

نشان معاذ الله ان جي جهنم جي مستحق هئڻ جو نشان آهي جيسيتائين توبہ نہ ڪري. ۽ جيڪڏهن اهو نشان ڪثرتِ سجود (يعني گهڻن سجدن) جي ڪري پاڻ پئجي ويو هجي تہ اهي سجدا جيڪڏهن ڏيکارڻ جي لاءِ هئا تہ سجدا ڪندڙ جهنمي ۽ اهو نشان جيتوڻيڪ پاڻ جرم ناهي پر جرم مان پيدا ٿيو. تنهنڪري دوزخي هئڻ جي نشاني. ۽ جيڪڏهن اهي سجدا خالص الله پاڪ لاءِ هئا پر اهو نشان پوڻ تي خوش هو تہ ماڻهو مون کي عابد ساجد (عبادت ڪرڻ وارو سجده گزار) سمجهن تہ هاڻي ريا ڪاري اچي وئي ۽ اهو نشان ان جي حق ۾ مذمّت جي قابل ٿي ويو. ۽ جيڪڏهن ان کي هن جي طرف ڪجهہ ڌيان ناهي تہ اهو نشان نشانِ محمود (تعريف لائق نشان) آهي. ۽ هڪ جماعت جي نزديڪ آيةِ ڪريمہ ۾ اَهڙي ساجد جي تعريف ڪئي وئي آهي. اميد آهي تہ قبر ۾ ملائڪن لاءِ ان جي ايمان ۽ نماز جي نشاني ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن اهو نشان سج کان وڌيڪ نوراني هوندو. (فتاوي آفريقه)

## تهجد گذار جو چهرو نوراني ٿي ويندو آهي

حضرت سيدنا حسن بصري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه کان پڇيو ويو تہ ڪهڙو سبب آهي جو تهجد پڙهڻ وارن جا چهرا حسين (يعني نوراني) هوندا آهن؟ سندن فرمايو: ”ان ڪري جو اهي پنهنجي پروردگار جي لاءِ اڪيلائپ اختيار ڪندا آهن تہ الله پاڪ انهن کي پنهنجي نور جو لباس پارائي ڇڏيندو آهي.“

(احياءَ العلوم، ج. 5، ص. 147) (احياء العلوم (اردو) ج. 5، ص. 374)

## نيڪي دل جو نور ۽ چهري جي چمڪ

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: نيڪي ڪرڻ سان دل ۾ نور، چهري ۾ چمڪ، رزق ۾ فراخي (يعني ڪشادگي) ۽ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي لاءِ محبت پيدا ٿي ويندي آهي. امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَاللّٰهُعَنۡهُ جو ارشاد آهي: هڪ شخص کو کم لکي ڪري وڏي رازداري سان ڪندو آهي، الله پاڪ ان جا آثار ان جي چهري ۽ ان جي ڪلام (يعني گفتگو) ۾ نمايان ڪري ڇڏيندو آهي. (تفسير القرآن العظيم، ج. 7، ص. 337)

## ڪراٽي جو ڪلاڙي مبلغ ڪيئن بڻيو؟


سجدن جون لذتون ماڻڻ، تڪبُّر کان جان ڇڏائڻ ۽ پاڻ کي عاجزي جو پيڪر بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي مدني قافلن ۾ سفر ڪندا ڪرائيندا رهو. **مدني بهار:** سردار آباد (فيصل آباد) ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان تمام ئي خراب ڪردار جو مالڪ هو، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدنگاهي ۽ ويڙهه جهيڙو ان جي روزانو جي معمولات ۾ شامل هو. ان مارشل آرٽ (يعني ڪراٽا وغيره) سکيا هئا. جنهن جي سبب ماڻهن سان خوامخواه وڙهندو وتندو هو. هر نئي فيشن کي اپنائڻ ان جو مشغلو هو، افسوس! نمازن کان ايتري قدر پري هئو جو ان کي ايتري به خبر نه هئي ته ڪهڙي نماز جون ڪيتريون رڪعتون هونديون آهن! آخر ڪار ان جي قسمت جو ستارو ائين چمڪيو، جو ان جي ملاقات پنهنجي هڪ پراڻي دوست سان ٿي جيڪو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي چڪو هو. ان انفرادي ڪوشش ڪندي ڪائنس مدني قافلي جي دعوت ڏني، ان جي انفرادي ڪوشش ڪامياب ٿي وئي ۽ اهو هٿو هٿ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو. مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ان کي پنهنجي زندگي جو مقصد معلوم ٿيو ۽ هي پنهنجي گناهن تي شرمسار ٿيو ته مون پنهنجي زندگي جو گهڻو حصو غفلت ۾ گذاري ڇڏيو، ان کي ايتري حد تائين رِقّت نصيب ٿي جو جڏهن به بيان ٻڌندو هو اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا ايسيتائين جو مدني قافلي کان واپسي تي به روئڻ لڳو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان ڏينهن کان پوءِ دعوتِ اسلامي سان وابسته رهيو، هو ڊويزن سطح تي مدني قافلي جي ذمه دار جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ ۾ به مصروفِ عمل رهيو.

الفت مصطفٰے اور خوفِ خدا چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو

(وسائل بخشش (مرمم) ص۔ ۶۶۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net